

# ايماندار

شيخ ابو يعقوب نالي هڪ شخص بيحد ايماندار ۽ بزرگ ماڻهو هو. سندس تعلق هڪ شاهي خاندان سان هيو، پر هن کي فقيري ۾ رهڻ سٺو لڳندو هو ۽ چٽائيون ٺاهي گذران ڪندو هو.

هڪ دفعي هو دمشق ملڪ ۾ ويو ۽ اتي هو هڪ شاهي باغ ۾ مالهي جي نوڪري ڪرڻ لڳو ائين ئي هن کی محنت مزدوري ڪندي ڇهه مهينا گذري ويا ته هڪ ڏينهن بادشاهه سلطان نورالدين ان جي باغ ۾ آيو، باغ جي آفيسر کيس چيو ته بادشاهه سلامت لاءِ عاليشان قسم جا ڏاڙهون پٽي اچ، هو ويچارو جلدي ۾ ڪجهه ڏاڙهون پٽي آيو پر

جڏهن بادشاهه اهي ڪاڌا ته اهي ڪٽا نڪتا، تنهن تي آفيسر ڪيس چيو ته وڄ هي ڪٽا آهن ۽ وڃي مٺا ڏاڙهون پٽي اچ، هو وري ويو ۽ ڏاڙهون پٽي آيو پر اهي به ڪٽا نڪتا، تنهن تي آفيسر کي انتهائي گهڻي ڪاوڙ اچي وئي ۽ چيائين ته "توکي ڇهه مهينا هن باغ ۾ نوڪري ڪندي ٿيا آهن پر توکي ايتري خبر نه آهي ته کهڙي وڻ جو ميوو ڪٽو آهي ۽ کهڙي جو مٺو". هن انتهائي سادگي سان جواب ڏنو ته سائين توهان مونکي وڻن جي چوڪيداري لاءِ رکيو آهي نه کي کائڻ جي لاءِ، سائين مون کي کهڙي خبر ته کهڙي وڻ جو ميوو ڪٽو آهي ۽ کهڙي جو مٺو. سلطان نورالدين جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته بيحد خوش ٿيو ڪيس وڏي عزت سان پنهنجي پر ۾ ويهاريائين. ان کان سواءِ هن کي ڪيترا ڏينهن پنهنجي محل ۾ مهمان ڪري رکيائين ۽ ڪيس عزت احترام سان رخصت ڪيائين.

پيارا ٻارو! ايماندار ماڻهو جي هر جاءِ تي عزت آهي ۽ ايمانداري انسان جو بهترين زيور آهي ۽ اسان کي ڪڏهن به بي ايماني نه ڪرڻ گهرجي.

